هفتيوار رسالو

# اعتڪاف

## جون 10 مدني بهارون

(سنڌي)



- جذبي ڪي مديني جا 12 چنڊ لڳي ويا
- 70 سال اسلامي ڀاءُ جا تاثرات
- ڪرنگهي جي هڏي جي ڏرد کان نجات
- ٻلاوت واري مسالحي جو ڪاروبار بند ڪري ڇڏيو


شيخ طريقت امير اهل سنت باني دعوت اسلامي حضرت علامه و مولانا ابو بلال

محمد الياس عطار قادري رضوي دامت برکاتهم العاليه


ترجمو

TRANSLATION DEPARTMENT (DAWAT-E-ISLAMI)

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ ط

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ط بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ط

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنۡ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

## اَللّٰهُمَّ افۡتَحۡ عَلَيۡنَا حِكۡمَتَكَ وَانۡشُرۡ عَلَيۡنَا رَحۡمَتَكَ يَا ذَاالۡجَلَالِ وَالۡاِكۡرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج1 ص40 دار الفکربيروت)



طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)

رسالي جو نالو: اعتڪاف جون 10 مدني بهارون

ڇاپو پهريون:

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي

**مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي**

ڪتاب خريد ڪندڙ توجھ فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

**جو رسالو**

# اعتڪاف جون 10 مدني بهارون[1]

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي) **عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي**

**UAN:**☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:**translation@dawateislami.net


[1] ...هي مضمون اميراهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي ڪتاب "فيضان رمضان" جي صفحي 439 کان 450 تائين ورتو ويو آهي.

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِيّٖن ط
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# اعتڪاف جون 10 مدني بهارون[1]

دعاءِ عطار: ياالله پاڪ! جيڪو بہ مڪمل رسالو ”اعتڪاف جون 10 مدني بهارون (قسط: 3) “پڙهي يا ٻڌي وٺي، ان کي رمضان المبارڪ ۾ خوب عبادت ڪرڻ جي سعادت عطا فرماءِ ۽ ان کي سندس والدين ۽ سڄي خاندان سميت جنت الفردوس ۾ بي حساب داخلا نصيب فرماءِ.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: شبِ جمعه ۽ روزِ جمعه (يعني خميس جي ڏينهن سج لهڻ کان وٺي جمعي جي ڏينهن سج لهڻ تائين) مون تي درود پاڪ پڙهڻ جي ڪثرت ڪندا ڪيو، جيڪو ائين ڪندو قيامت جي ڏينهن مان ان جو شفيع ۽ گواهه ٿيندس. ( شعب الايمان، 3 /111، حديث :3033)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## حجرِ اسود کي چمي ورتو

ٽنڊو الهيار (بابُ الاسلام، سنڌ، پاڪستان) جي هڪ شخص کي خراب ماحول ۽ آواره دوستن جي صحبت گناهن تي دلير بڻائي ڇڏيو هو. شراب جي اَڏن تي وڃڻ هن لاءِ عام ڳالهه هئي، ماڻهن کان هرويرو وڙهڻ، جهيڙو ڪرڻ ۽ مارڪٽ ڪرڻ سندس عادت بڻجي چڪي هئي. انهن حرڪتن جي ڪري گهر جو هرهڪ ڀاتي هن کان بيزار هو، هو اهڙي طرح گناهن جي وادين ۾ ڀٽڪي رهيو هو تہ سندس قسمت مهربان ٿي وئي ۽ هڪ عاشقِ رسول جي انفرادي ڪوشش جي برڪت سان دعوتِ اسلامي جي نگراني

[1] ...هي مضمون اميراهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي ڪتاب ”فيضان رمضان“ جي صفحي 439 کان 450 تائين ورتو ويو آهي.

هيٺ ٽنڊو الهيار جي نوراني مسجد ۾ ٿيڻ واري ماهِ رمضان المبارڪ (1426هه ـ 2005ع) ۾ آخري ڏهاڪي جي اجتماعي اعتڪاف جون برڪتون حاصل ڪرڻ لاءِ شريڪ ٿيو، اعتڪاف جي دوران، عاشقانِ رسول جي ڏاڙهين ۽ عمامن سان سينگاريل نوراني چهرن، انهن جي محبتن ۽ شفقتن ڪيس دعوتِ اسلامي جي ماحول کان تمام گهڻو متاثر ڪيو. اَلْحَمْدُلِلّٰه! ڏهه ڏينهن ۽ راتيون عاشقانِ رسول جي صحبت ۾ رهي هن گهڻو ڪجهه سکيو.

25هين جي رات هو ذِڪرُ الله ۾ مشغول هو ته سندس اک لڳي وئي، اَلْحَمْدُلِلّٰه! هن پاڻ کي ڪعبي شريف جي سامهون ڏٺو. انهن مٿان وڏيڪ ڪرم هي ٿيو جو ان حجرِ اسود کي به چمي ورتو. 27 هين جي رات به هن جي مٿان مهرباني ٿي ۽ خمار جي عالَم ۾ مديني شريف جون نوراني گهٽيون ۽ سبز سبز گنبذ جا روح پرور نظارا ڏسڻ جي سعادت حاصل ڪيائين. اهڙن ايمان افروز واقعن هن جي دل جي دنيا ئي بدلائي ڇڏي ۽ نيت ڪيائين ته هاڻي هي ديني ماحول عمر ڀر نه ڇڏيندس ۽ اَلْحَمْدُلِلّٰه!رب پاڪ جي لطف و ڪرم سان جامعةُ المدينه (حيدرآباد) ۾ درسِ نظامي (عالِم ڪورس) ڪرڻ لاءِ داخلا وٺي ڇڏيائين.

دل میں بس جائیں آقا کے جَلْوے مُدام     دینی ماحول میں کر لو تم اعتکاف
دیکھو مکّے مدینے کے تم صُبْح و شام     دینی ماحول میں کر لو تم اعتکاف

(وسائل بخشش، ص644)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب ❀❀❀ صَلَّی اللّٰہُ علٰی مُحَمَّد

## بري صحبت ۾ رهڻ جي گناهه کان جان ڇُٽي

اورنگي ٽائون (ڪراچي) جو هڪ شخص خراب صحبت سبب مادرن ۽ بُرو ماڻهو بڻجي ويو هو. خوشقسمتيءَ سان پنهنجي علائقي جي اقصىٰ مسجد اورنگي ٽائون الفتح ڪالوني (ڪراچي) ۾ رمضان المبارڪ ۾ آخري ڏهاڪي جي اجتماعي سنت اعتڪاف ۾ شريڪ ٿيڻ جي برڪت سان

عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي ويو. نماز ۽ سنتن جو پابند بہ ٿي ويو، هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ بہ پابندي سان شرڪت ڪرڻ لڳو، فلمون ۽ ڊراما ڏسڻ جي بُري عادت بہ ختم ٿي وئي. اَلْحَمْدُلِلّٰه! سڀ کان وڏو فائدو اهو ٿيو جو صرف نفساني لذت حاصل ڪرڻ جي لاءِ بري صحبت اختيار ڪرڻ واري جيڪا عادت هئي ان کان بہ سندس جان آجي ٿي وئي.

صُحبتِ بد میں رہنے کی عادت چھُٹے　　دِینی ماحول میں کر لو تم اعتکاف
خصلتِ جرم و عِصیاں تمہاری مٹِے　　دِینی ماحول میں کر لو تم اعتکاف

(وسائلِ بخشش، ص644)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب ❀❀❀ صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## جذبي ڪي مديني جا 12 چنڊ لڳي ويا

ملاڪ (الٰہ آباد، يوپي، هند) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو واقعو ڪجهہ هن ريت آهي تہ هنن احمد آباد شريف ۾ هند سطح جي سنتن ڀريي اجتماع ۾ شرڪت فرمائي، جنهن جي برڪت سان دين جي خدمت ڪرڻ جو زبردست جذبو مليو. انهيءَ ئي سال عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي تحت ماهِ رمضان المبارڪ (**1416ھ - 1996ع**) جي آخري ڏهاڪي ۾ ناگوري واڙ جي مسجد (احمد آباد شريف) ۾ ٿيڻ واري اجتماعي اعتڪاف ۾ شريڪ ٿيا. عاشقانِ رسول جي صحبت ڪين تمام گهڻي موافق آئي ۽ انهن جي ديني جذبي کي چڻ تہ مديني جا **12** چنڊ لڳي ويا. اعتڪاف کان پوءِ پنهنجي اباڻي ڳوٺ ملاڪ (يوپي) واپس وڃي ديني خدمتن جي زبردست تحريڪ شروع ڪري ڇڏي. ٻئي سال مدني مرڪز جي طرفان مختلف شهرن ۾ وڃي سوين اسلامي ڀائرن کي اعتڪاف ڪرايو. هي سِتون لکڻ تائين احمد آباد شريف ۾ رهائشي آهن ۽ دعوتِ اسلامي جي تنظيمي ترڪيب مطابق ماليات جي شعبي جا تحصيل سطح جا ذميدار آهن.

آؤ عشقِ محمد کے پینے کو جام دینی ماحول میں کر لو تم اعتکاف
مَسْت ہو کر کرو خوب تم دینی کام دینی ماحول میں کر لو تم اعتکاف

(وسائل بخشش، ص644)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ❀❀❀ صَلَّى اللّٰهُ علٰى مُحَمَّد

## 70 سالن جي اسلامي ڀاءُ جا تاثرات

گارڊن ويسٽ (ڪراچي) جو هڪ عمر رسيده شخص پوڙهائپ جي باوجود بہ معاذَ الله نماز جي پابندي نہ ڪندو هو، فلمون ۽ ڊراما ڏسڻ جو شوقين هو، ڏاڙهي ڪُوڙائيندو هو ۽ انگريزي لباس پائيندو هو. تقريباً **60** سالن جي عمر ۾ ڪوثر مسجد موسیٰ لين، لياري (ڪراچي) ۾ ڀهريون پيرو رمضان المبارڪ جي آخري ڏهاڪي (**غالباً 1416هہ۔ 1996ع**) ۾ اعتڪاف ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيائون، اُتي ڪين دعوتِ اسلامي جي عاشقانِ رسول جي صحبت ملي. گجراتي رسم الخط ۾ لکيل قرآن ڪريم پڙهندي ڏسي هڪ اسلامي ڀاءُ انهن کي سمجهايو تہ قرآن ڪريم عربي رسم الخط ۾ پڙهڻ ضروري آهي. گجراتي زبان جا حروف اصل عربي مخارج سان ڪيئن ادا ڪندؤ! اها ڳالهہ ڪين سمجهہ ۾ اچي وئي بهرحال اعتڪاف ۾ انهن کي عاشقانِ رسول کان تمام گهڻو فيض حاصل ٿيو- انهن دعوتِ اسلامي جي مدرَسۃُالمدينہ بالِغان ۾ پڙهڻ شروع ڪيو- ڏيڍ سال جي محنت سان انهن جا ڪجهہ نہ ڪجهہ حروف درست ٿيا اَلْحَمْدُلِلّٰه!عربي ۾ ڏسي ڪري قرآن ڪريم پڙهڻ نصيب ٿيڻ لڳو. هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ سڄي رات گذارڻ جو شرف حاصل ٿيڻ لڳو، هفتي ۾ هڪ ڀيرو علائقائي دوري ۾ نيڪي جي دعوت ڏيڻ جي سعادت بہ نصيب ٿيڻ لڳي، اَلْحَمْدُلِلّٰه!هڪ مُٺ ڏاڙهي بہ رکيائون، ظاهري سبب گهٽ هجڻ جي باوجود خاص ڪرم ٿيو ۽ عمري شريف ۽ مِٺي مِٺي مديني جي حاضري جو شرف حاصل ٿيو، هر مهيني ٽي ڏينهن قافلي ۾ سفر جي سعادت نصيب ٿيڻ

لڳي، 72 نيڪ عملن مان 40 کان وڌيڪ نيڪ عملن تي عمل جي ڪوشش نصيب ٿي. هڪ پرائيويٽ ڪمپني ۾ اڪائونٽنٽ طور ڪم ڪري رهيا آهن ۽ صبح شام ايندي ويندي بس جي اندر مسلسل 4 سالن کان نيڪي جي دعوت ڏيڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيا آهن. هڪ ڀيرو خواب ۾ بس جي اندر نيڪي جي دعوت پيش ڪيائون فارغ ٿيڻ کان پوءِ ڏٺائون ته هڪ مبلغِ دعوتِ اسلامي جنهن سان هو تمام گهڻي محبت ڪندا هئا انهن جي سامهون مُسڪرائيندي تشريف فرما آهن، هي روح پرور منظر ڏسي روئي پيا ۽ سندن اک کلي وئي، هي خواب ڏسڻ بعد نيڪي جي دعوت ڏيڻ جو ڪين اجان وڌيڪ جذبو عطا ٿيو.

سِیکھ لو آؤ قرآن پڑھنا سبھی دینی ماحول میں کر لو تم اعتکاف
تم ترقی کے زِینوں پہ چڑھنا سبھی دینی ماحول میں کر لو تم اعتکاف

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب ❀❀❀ صَلَّی اللہُ علٰی مُحَمَّد

## غيرِ عربي ۾ قرآني آيتون لکڻ جائز ناهي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو! جيستائين سٺي صحبت ناهي ملندي تيستائين ڪڏهن ڪڏهن اصلاح جي صورت ناهي بڻجندي. اڄڪلهه ڪيترائي بزرگ شخص به مختلف گناهن ۾ مبتلا نظر اچن ٿا، ايتري قدر جو ويچارا بيماري جي بستري تي هوندا آهن، تڏهن به انهن کي نماز پڙهڻ، ڪوڙ ۽ غيبت کان بچڻ ۽ ڏاڙهي ڪوڙائڻ وغيره کان توبهه ڪرڻ جي توفيق ناهي ملندي. اهڙيءَ حالت ۾ به مَعَاذَالله ٽي وي تي فلمون ۽ ڊراما ڏسڻ جو سلسلو جاري هوندو آهي، صحتمند ٿيڻ کان پوءِ به صرف دنيا جا ڪم ۽ ڌنڌا ڪرڻ جو ئي ذهن هوندو آهي. هي بزرگ اسلامي ڀائر خوشنصيب هئا، جن کي اعتڪاف ۾ ديني ماحول نصيب ٿيو ۽ غفلتن ۾ گذرڻ واري زندگي يڪدم مدني رنگ ۾ رنڱجي وئي. اوهان ڏٺو ته ويچارا قرآن ڪريم به پڙهيل نه هئا ان ڪري گجراتي زبان ۾ قرآن شريف پڙهي رهيا هئا، جنهن تي هڪ عاشقِ رسول انهن کي سمجهايو ته دعوتِ اسلامي

جي مدرسةُالمدينه بالغان ۾ رات جي وقت سکي ڪري عربي ۾ پڙهڻ جي ڪجهه نه ڪجهه قابل ٿي ويا. ياد رکو! عربي زبان کان علاوه ٻي ڪنهن به زبان، جهڙوڪ: گجراتي، هندي، انگريزي وغيره جي رسم الخط ۾ قرآن پاڪ لکڻ جائز ناهي. گجراتي، هندي، انگريزي وغيره زبانن جي ماهوار رسالن ۽ ٻين ڪتابن ۽ رسالن ۾ آيتون ۽ ماثور (يعني قرآن ۽ حديث جون دعائون عربي رسم الخط ۾ ئي لکڻ گهرجن. حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي هڪ تفصيلي فتويٰ مان اقتباس ملاحظ فرمايو: ”هندي يا انگريزي رسم الخط ۾ قرآن لکڻ واضح تحريف آهي (۽ قرآن پاڪ جي تحريف حرام آهي) ڇاڪاڻ ته هڪ ته ايئن ڪرڻ متي بيان ڪيل پابندين جي خلاف آهي، ٻيو ته سين، صاد، ثاء ۽ اهڙي طرح ڪ ۽ ق، ز، ذ، ظ ۾ فرق بلڪل نه ٿي سگهندو. مثال طور، ظاهر جو مطلب آهي ظاهر ۽ زاهر جو مطلب آهي چمڪدار يا تازو توانو. هاڻي جيڪڏهن توهان انگريزي ۾ Zahir لکيو ته ڪيئن معلوم ٿيندو ته ظاهر آهي يا زاهر؟ اهڙي طرح تاهر ۽ طاهر، قدير ۽ قادر، سَامِع ۽ سَمِيع، عَالِم ۽ عليم ۾ ڪيئن فرق ڪري سگهبو؟ مطلب ته نه فقط لفظن جا اوصاف ختم ٿي ويندا بلڪ خود حروف به تبديل ٿي ويندا ۽ معنيٰ ئي بگڙجي ويندي. (فتاويٰ نعميه ص: 83)

میں قرآن سِیکھوں سِکھاؤں خدایا
کرم سے یہ جذبہ میں پاؤں خدایا

## گهر ۾ به ديني ماحول بڻائي ڇڏيو

رمضان المبارڪ (1426ھ-2005ع) ۾ اعتڪاف جا ڏينهن بلڪل ويجهو هئا راجوري (ڄمون ڪشمير، هند) جي هڪ اسلامي ڀاءُ (عمر تقريبًا 40 سال) سان ملاقات ٿيڻ تي هڪ مبلّغ دعوتِ اسلامي انهن کي سرسري طور اجتماعي اعتڪاف جي دعوت ڏني ۽ هُو عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي طرفان مسجد ريلوِي اسٽيشن (راجوري، ڄمون

ڪشمير) ۾ ٿيندڙ آخري ڏهاڪي جي اجتماعي سنت اعتڪاف (1426هـ-2005ع) ۾ معتڪف ٿي ويا. عاشقانِ رسول جو ديني ماحول ڏسي حيران ٿي ويا، ڏاڙهي مبارڪ سجائي ورتائون، عمامو شريف سجائي ڇڏيائون، درس ۽ بيان جو سلسلو بہ شروع ڪري ڏنائون، پنهنجي گهر ۾ بہ ديني ماحول قائم ڪيائون، گهر جي اسلامي ڀينرن تي پردو لاڳو ڪيائون ۽ هيءَ تحرير لکڻ جي وقت تائين پنهنجي شهر "راجوري" جي مشاورت جا نگران آهن.

زندگی کا قرینہ ملے گا تمہیں　　دینی ماحول میں کر لو تم اعتکاف
آؤ دردِ مدینہ ملے گا تمہیں　　دینی ماحول میں کر لو تم اعتکاف

(وسائل بخشش، ص644)

صَلَّی اللہُ علٰی مُحَمَّد ❀❀ صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب

## مان تہ رمضان جا روزا بہ گهٽ ئي رکندو هئس

ڀلوال (ضلع سرگودها، پنجاب، پاڪستان) جو هڪ شخص بي نمازي ۽ فيشن پرست نوجوان هو. فلمون ۽ ڊراما ڏسڻ، گانا باجا ٻڌڻ جو تمام گهڻو شوقين هو، رمضان المبارڪ ۾ روزا بہ مَعَاذَالله تمام گهٽ رکندو هو، جيڪڏهن ڪو ڪيس سمجهائيندو بہ هو تہ ٽاري ڇڏيندو هو. هڪ ڏينهن هو ڪنهن مسئلي سبب پريشاني جي عالم ۾ وڃي رهيو هو تہ هڪ عمامي واري اسلامي ڀاءُ سان ملاقات ٿي وئي جيڪي عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ها. اهي ان ڪي انفرادي ڪوشش ڪندي جامع مسجد ۾ ٿيندڙ دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ وٺي ويا پر هو شيطاني وسوسن سبب ٿوري دير ۾ ئي اٿي هليو ويو. ٻن ڏينهن کان پوءِ سندس هڪ دنيوي دوست ڪيس فلم ڏسڻ لاءِ وٺي ويو پر ڪنهن ڳالهہ تي ناراضگي سبب هو ان کان ڌار ٿي ويو ۽ اهڙي طرح سندس قسمت جو ستارو چمڪي پيو، ٿيو ايئن جو ماهِ رمضان المبارڪ ۾ ان جو وڏو ڀاءُ دعوتِ اسلامي جي طرفان ٿيندڙ اجتماعي اعتڪاف ۾ معتڪف هو. سو اهو پنهنجي ڀاءُ سان ملڻ لاءِ ويو، اتي عمامہ ڀريل عاشقانِ رسول هن کي ڏاڍا سٺا لڳا. چند رات هڪ اسلامي ڀاءُ سندس ڀاءُ کي فيضانِ

سنت ۽ نعتن جي ڪيسٽ تحفي ۾ ڏني ان اسلامي ڀاءُ فيضانِ سنت جو باب بي نمازي جون سزائون پڙهيو تہ ڏڪي ويو ۽ ڪيسٽ ۾ هي مناجات

گناہوں کی عادت چُھڑا میرے مولا    مجھے نیک انساں بنا میرے مولا

بڌي تہ سندس دل گهايل ٿي پئي اَلۡحَمۡدُلِلّٰه!هن گانا باجا ٻڌڻ ڇڏي ڏنا پر نماز جي پابندي نہ ڪري سگهيو. هڪ عاشقِ رسول جي دعوت تي ٻيهر دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾ شريڪ ٿيو ۽ آخر تائين ويٺو رهيو، اجتماع جي اختتام تي عاشقانِ رسول جي ملاقات جي دلنشين انداز ڪيس دعوتِ اسلامي جو شيدائي بڻائي ڇڏيو، هن پنهنجي چهري کي مدني نشاني يعني ڏاڙهي مبارڪ سان ۽ مٿي کي عمامي شريف سان سجائي ڇڏيو، پنج وقت باجماعت نماز پڙهڻ لڳو ۽ سلسلي عاليہ قادريہ رضويہ ۾ داخل ٿي، حضور غوثِ اعظم شيخ عبدالقادر جيلاني رَحۡمَةُاللّٰهِ‌عَلَيۡه جو مريد بہ بڻجي ويو. دعوتِ اسلامي جي ديني ڪمن جي لحاظ کان تنظيمي طور تي ذيلي مشاورت جي ذميواري سنڀالي، پابندي سان درس ڏيڻ لڳو ۽ دعوتِ اسلامي جي مدرسةُ المدينه ۾ حفظ ڪرڻ جي سعادت بہ حاصل ڪرڻ شروع ڪيائين.

آؤ سنّت کا فیضان پاؤ گے تم    دینی ماحول میں کر لو تم اعتکاف
ان شاءَ اللہ جنّت میں جاؤ گے تم    دینی ماحول میں کر لو تم اعتکاف

(وسائل بخشش، ص644، 645)

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد ❀❀❀ صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب

## ڪرنگهي جي هڏي جي تڪليف کان ڇوٽڪارو

ڪراچي جي علائقي ڊيفنس وِيو ۾ رهندڙ دعوتِ اسلامي جي هڪ مبلّغ جا ماروٽ (مامي جو پٽ) جيڪي مل اونر (Millowner) آهن انفرادي ڪوشش جي برڪت سان رمضان المبارڪ (1425ھ) ۾ دعوتِ اسلامي جي تحت ٿيندڙ سنتن ڀريي اجتماعي سنت اعتڪاف ۾ ويهڻ لاءِ تيار ٿي ويا. هو ڪافي وقت کان ڪرنگهي جي هڏي جي شديد سُورَ ۾ مبتلا هئا، ڪيترن ئي ڊاڪٽرن

ڪي ڊيڪاريو ۽ انهن جون تجويز ڪيل دوائون بہ استعمال ڪيون، پر ڪو خاص فائدو نہ ٿيو انهن کي اها پريشاني هئي تہ مان 10 ڏينهن اعتڪاف ۾ ڪيئن گذاريندس! بهرحال دورانِ اعتڪاف هو پيٽِ سان ٽيڪ ڏئي ويهڻ جي ڪوشش ڪندا هئا، فوم جي گديَ تي سمهڻ جا عادي هئا جڏهن تہ هتي چٽائي يا دَري وڇائي زمين تي سنت مطابق سمهڻ جي ترغيب ڏني پئي وئي جيڪو انهن لاءِ انتهائي مشڪل هو، پر ان ڪانسواءِ ٻيو ڪو چارو نہ هو. اَلْحَمْدُلِلّٰہ! ڪجهہ ئي ڏينهن سنت جي مطابق سمهڻ جي برڪت سان انهن کي محسوس ٿيو تہ چيلهہ جي سور ۾ ڪافي گهٽتائي آئي آهي. اَلْحَمْدُلِلّٰہ! دعوتِ اسلامي جي اجتماعي سنت اعتڪاف جي برڪت سان آخرڪار ڪرنگهي جي هڏي جي سور کان انهن جي جان آجي ٿي وئي.

تم کو تڑپا کے رکھ دے گو دردِ کمر    دینی ماحول میں کر لو تم اعتکاف
پاؤ گے تم سُکوں ہوگا ٹھنڈا جگر    دینی ماحول میں کر لو تم اعتکاف

(وسائلِ بخشش، ص645)

صَلَّی اللہُ علٰی مُحَمَّد ❀❀ صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب

## هيپي نيو ايئر جو چسڪو

جوڌپور (راجستان، هند) جو هڪ فوٽوگرافر (عمر لڳ ڀڳ 28 سال) جنهن کي 31 ڊسمبر تي ”هيپي نيو ايئر(Happy New Year)“ جي بي حيائيءَ سان ڀرپور پارٽين ۾ شرڪت جو جنون جي حد تائين شوق هو ۽ هو ان شوق کي پورو ڪرڻ لاءِ بمبئي بہ هليو ويندو هو. اللّٰہ پاڪ جو ڪرم ٿيو جو عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي طرفان بيچ واري مسجد (اُديپور، راجستان، هند) ۾ آخري ڏهاڪي جي اجتماعي سنت اعتڪاف (1426ھ ـ 2005ع) ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ معتڪف ٿيڻ جي ڪين سعادت نصيب ٿي وئي. اُتي لڳندڙ سنتن سان ڀرپور مدني حلقن، پرسوز بيانن ۽ رقّت انگيز دعائن هن کي گهايل ڪري وڌو، هن پنهنجن گذريل گناهن کان توبهہ ڪئي، فوٽوگرافي جو ڪم ڇڏي ڏنو ۽

پابندي سان مسلمانن کي نمازِ فجر لاءِ جاڳائڻ لڳو.

رنگ رَلیاں منانے کا چسکا مٹے — دینی ماحول میں کر لو تم اعتکاف
رَقص کی محفلوں کی نُحوست چُھٹے — دینی ماحول میں کر لو تم اعتکاف

(وسائل بخشش، ص645)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب ❀❀❀ صَلَّى اللّٰهُ علٰى مُحَمَّد

## اسان کي هجري سِن جو خيال رکڻ گهرجي

پيارا پيارا سلامي پائرو! اي ڪاش !جنوري کان نئين سال جي استقبال بدران مسلمانن کي ”اسلامي نئين سال“ يعني هجري سال جي شروعات جو سچو جذبو نصيب ٿي وڃي. اَلْحَمْدُلِلّٰه! هجري سن جو نئون سال محرمُ الحرام جي پهرين تاريخ کان شروع ٿيندو آهي، ٿي سگهي ته هر سال محرم شريف جي پهرين تاريخ تي هڪٻئي کي نئين مدني سال جي مبارڪباد ڏيڻ جو اهتمام ڪيو.

## عاشقانِ رسول جي صحبت جي برڪت

بَهلوال (ضلع سرگودها، پنجاب، پاڪستان) جا اسلامي ڀاءُ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿيڻ کان اڳ ”ڪلين شيو“ هئا، سُنتن ڀري زندگي کان پري، غفلت جي وادين ۾ ڀٽڪي رهيا هئا- رَمَضانُ المُبارَڪ جو بابرڪت مهينو هو، هڪ ڏينهن هو پنهنجي ڪمري ۾ ويٺا هئا ته انهن جو والد صاحب سندس ننڍي ڀاءُ کي چوڻ لڳو ته ”جامع مسجد خواجگان“ ۾ دعوتِ اسلامي جي انتظام هيٺ رمضانُ المبارڪ جي آخري ڏهاڪي جو اجتماعي اعتڪاف ٿي رهيو آهي، تون جلدي هل، نه ته پهرين صف ۾ جاءِ نه ملندي-“ اهو ٻڌي هي ڇرڪيا ۽ هنن جي به دل ۾ شوق پيدا ٿيو ته مان به انهن عاشقانِ رسول جي زيارت لاءِ وڃان- ان ڏينهن نمازِ عشاء تراويحن سان گڏ ان ئي مسجد ۾ ادا ڪيائون. تراويح کان بعد ڪيسٽ جي ذريعي حاجي مشتاق رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي آواز ۾ هيءَ نعت شريف هلائي وئي:

ع: ”ثانی نہ کوئی میرے سوہنے نبی لجپال دا“

نعت ٻڌي ڪين انتهائي سرور حاصل ٿيو. هي ٻئي ڏينهن ٻيهر وڃي پهتا، ان ڏينهن جيئن تہ جمعرات هئي تنهنڪري اتي هفتيوار سنتن ڀريو اجتماع شروع ٿي چڪو هو. هي پهريون ڀيرو اجتماع ۾ شرڪت ڪري رهيا هئا، دل کي هڪ عجيب سڪون ۽ راحت حاصل ٿي. ٽئين ڏينهن بہ ويا تہ ڪيسٽ اجتماع ۾ مڪتبةُالمدينہ طرفان جاري ڪيل سنتن ڀريو بيان گانن باجن جون هولناڪيون ٻڌو ويو، بيان ٻڌي هي ڏڪي ويا، ڇو تہ ان ۾ عام ڳائڻ وارن گانن ۾ ڪفريہ شعرن جي نشاندهي ڪئي وئي هئي، معاذَالله هي بہ ڪفريہ اشعار گنگنائڻ جي آفت ۾ گرفتار هئا، تنهنڪري انهن توبهہ ڪئي ۽ تجديدِ ايمان بہ ڪيائون، جيئن تہ سندن دل چوٽ کائي چڪي هئي تنهنڪري بقايا ڏينهن لاءِ معتڪف ٿي ويا، فيضانِ سنت ۾ زُلف (گيسُو) رکڻ جون سنتون ۽ آداب پڙهيا تہ زلفون رکڻ جي نيت ڪري ڇڏيائون ۽ 26 رمضان المبارڪ تي ٿيڻ واري محفلِ نعت ۾ ڏاڙهي رکڻ جي بہ نيت ڪيائون ۽ سلسلي عاليہ قادريہ رضويہ ۾ داخل ٿي ڪري سرڪارِ غوثِ اعظم شيخ عبدالقادر جيلاني رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡه جا مريد ٿي ويا. صلوٰة و سلام جا صيغا بہ اتي ئي ياد ڪيائون ۽ اعتڪاف کان واپسي تي گانن جي 100 کان وڌيڪ ڪيسٽن ۽ T.V کي (ڇو تہ انهن ڏينهن ۾ مدني چينل ڪونہ هو ٻين چينلز تي عام طور تي گناهن ڀريا پروگرام ئي ڏسڻ لاءِ ملندا هئا) گهر مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيائون. اَلۡحَمۡدُلِله!دعوتِ اسلامي جي ديني ڪمن جي لحاظ کان تنظيمي طور تي ڊويزنل قافلہ ذميدار بڻجي ويا.

ڈھول باجوں کو سننے سے باز آؤ تم    دینی ماحول میں کر لو تم اعتکاف
فلمی گانے نہ ہرگز کبھی گاؤ تم    دینی ماحول میں کر لو تم اعتکاف

(وسائلِ بخشش، ص645)

پيارا پيارا سلامي ڀائرو! فلمي گانا ٻڌڻ ٻڌائڻ کان بچو، پنهنجي ايمان جي حفاظت ڪريو، ڪيترائي گانا اهڙا آهن، جن ۾ ڪفريہ اشعار هوندا آهن، مهرباني ڪري مڪتبةُالمدينہ جو شايع ٿيل رسالو ”گانن جا 35 ڪفريہ

اشعار“ جو ضرور مطالعو ڪريو.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب ❀❀❀❀ صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ملاوٽ واري مصالحي جو ڪاروبار بند ڪري ڇڏيو

رنڇوڙ پوري روڊ پيپر پوره ڪراچي جا اسلامي ڀاءُ پهريان اهڙا بي نمازي هئا جو جمعي جي نماز به نه پڙهندا هئا. خوش قسمتي سان انهن عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي تحت گلزارِ مدينه مسجد (آگره تاج ڪالوني) ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ رمضانُ المبارڪ جي آخري ڏهاڪي (1425ه ـ 2004ع) جي اجتماعي اعتڪاف ۾ ويهڻ جي سعادت حاصل ڪئي. 10 ڏينهن ۾ عاشقانِ رسول جي صحبت سندن قلبي حالت تبديل ڪري ڇڏي، اَلْحَمْدُلِلّٰه! انهن ڪجهه نه ڪجهه نماز سکي ورتي ۽ پنج وقت باجماعت نماز جا پابند بڻجي ويا. سلسلي عاليه قادريه رضويه ۾ داخل ٿي حضور غوثِ اعظم شيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جا مريد به بڻجي ويا. الله پاڪ جي فضل ۽ ڪرم سان نيڪ اعمال جو اهڙو جذبو مليو جو 72 مان لڳ ڀڳ 63 نيڪ اعمال تي عمل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ ڪامياب ٿي ويا. مڪتبةُ المدينه جا رسالا ڪثرت سان پڙهڻ جي عادت بڻجي وئي ۽ اعتڪاف جو هڪ وڏو انعام هي به مليو جو هي جيڪو ملاوٽ وارن مرچ مصالحن جي سپلاءِ جو سڄي سنڌ ۾ ڪاروبار ڪندا هئا اهو ڇڏي ڏنائون. سندن مصالحي جي ڪارخاني ۾ لڳ ڀڳ 44 ملازم ڪم ڪندا هئا هنن اهو ڪارخانو ئي بند ڪري ڇڏيو چو ته موجوده دور انتهائي نازڪ آهي ۽ وڏي پيماني تي خالص مصالحن جو ڪاروبار ڪرڻ بازار ۾ تمام ڏکيو آهي. جيتوڻيڪ ڪجهه حالتن ۾ ملاوٽ ظاهر ڪري وڪرو ڪرڻ جائز آهي پر جيڪڏهن ملاوٽ جو اعتراف ڪيو وڃي ته ڪير خريد ڪندو؟ .عام طور تي ڌوڪي بازي جو دور هلي رهيو آهي. اڄڪلهه مسلمانن جي صحت جو ڪنهن کي فڪر آهي! بس دولت گهرجي پوءِ اها حلال هجي يا معاذَالله حرام. بهرحال عاشقانِ رسول جي صحبت جي برڪت

سان هو رزقِ حلال جي حصول ۾ مشغول ٿي ويا. اَلْحَمْدُلِلّٰه! دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول جي برڪت سان، اشراق، چاشت، اوابين ۽ تهجد جي نفلن سان گڏوگڏ پنج وقت نماز باجماعت پهرين صف ۾ پڙهڻ جا عادي بڻجي ويا.

چھوڑ دو چھوڑ دو بھائی رِزقِ حرام　　دینی ماحول میں کر لو تم اعتکاف
آؤ کرنے لگو گے بہت نیک کام　　دینی ماحول میں کر لو تم اعتکاف

(وسائلِ بخشش، ص645)

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد ❀❀❀ صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب


يا ربِ مصطفيٰ! صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هر مسلمان جو اعتڪاف قبول فرماءِ. يا الله! مخلص اعتڪاف ڪرڻ وارن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت فرماءِ. يا الله! اسان کي دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول ۾ استقامت عطا فرماءِ. يا الله! اسان کي سچو عاشقِ رسول بڻاءِ. يا الله! اُمتِ محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مغفرت فرماءِ. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

ہر گنہ سے بچا مجھ کو مولیٰ　　نیک خَصلت بنا مجھ کو مولیٰ
تجھ کو رمضان کا واسِطہ ہے　　یا خدا تجھ سے میری دعا ہے

(وسائلِ بخشش، ص135)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ

## ايندڙ هفتي جو رسالو




فيضانِ مدينه، محلو سوداگران، پراڻي سبزي منڊي ڪراچي
UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278
www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net
feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net